# 6 مُردن جا واقعا

سنڌي




شيخِ طريقت، اَميرِ اَهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي، حضرت علّامه مولانا ابو بلال

مُحمّد اِلياس عطّار قادِري رَضَوي

دامت برکاتهم العالية

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي
ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله پاڪ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ١ ص ٤٠ دار الفكر بيروت)



طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)


رسالي جو نالو: 6 مُردن جا واقعا
ڇاپو پهريون : ذوالحجة الحرام 1442هه آگسٽ 2021ع
تعداد:
ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


ڪتاب خريد ڪندڙ توجهه فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڱتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامه
دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه
**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**
جي ڪتاب "غيبت جون تباهه ڪاريون" مان ورتل
رسالو

# 6 مُردن جا واقعا

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

## فهرست

6 مُردن جا واقعا ........................................ 1
دعاءِعطار: ........................................ 1
درود شريف جي فضيلت ........................................ 1
6 مُردن جون ڏکائيندڙ حڪايتون ........................................ 1
(1) ٻاهه جو ڪڙتو ........................................ 1
سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪان ڪابہ شيءِ لڪيل ناهي ........................................ 2
(2)بي دين جي ڳچي ۾ نانگ ........................................ 3
(3) ڳچي ۾ نانگ چنبڙيل هو ........................................ 3
صحابہ جي حق ۾ خدا ڪان ڊڄو ........................................ 3
صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جو گهٽوادب ڪيو ........................................ 4
(4) قبر ۾ خوفناڪ ڪارو نانگ ........................................ 5
دوکيبازي جهنم مان آهي ........................................ 6
ملاوٽ وارو مال کپائڻ جو جائز طريقو ........................................ 6
(5) پکيءَ اُلٽي ڪئي تہ ان مان اِنسان نڪتو ........................................ 7
ابن مُلجِم مولي علي.... کي ڇاجي ڪري شهيد ڪيو ........................................ 9
(6) حوض تي اونڌو لٽڪيل ماڻهو ........................................ 10
قابيل جا ڪارا ڪارناما ........................................ 11
درس ۾ شرڪت منهنجي اصلاح جو سبب بڻي ........................................ 11
قبر جي روشني ........................................ 13
قبرون پيون چمڪنديون ........................................ 13

دعوت ۾ غيبت ڪرڻ جي حڪايت ........................ 14
”غيبت ڪرڻ گناهِ ڪبيره آهي“جي اٺويھ اڪرن جي نسبت سان ڪنهن ڪي سُست وغيره چوڻ جي متعلق 19 مثال .................... 15
ٻنهي جهانن جي ذلّت ........................... 16
الله پاڪ جي ڏنل عزت ڪير کسي سگهي ٿو ........................ 17
آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ خواب ۾ فرمايو ........................ 18
مسجد ڀريو اجتماع مرحبا! ........................ 20
ڏاڙهي جي باري ۾ عبرتناڪ خواب ........................ 21
آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي محبت جي نشاني سجايو ........................ 21

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# 6 مُردن جا واقعا

## دعاءِ عطار:

**ياالله كريم:** جيكو مكمل رسالو ”6 مُردن جا واقعا“ پڙهي يا ٻڌي وٺي، اُن کي حلال رزق کائڻ ۽ ٻارن ٻچن کي ﺑﻪ حلال کارائڻ جي توفيق عطا فرما ۽ اُن تي جهنم جي باه حرام ڪري ڇڏ.

اٰمِیْن بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِیْن صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

## درود شريف جي فضيلت

الله ڪريم جي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ارشاد مشڪبار آهي:”جنهن مون تي سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو الله ڪريم ان جي ٻنهي اکين جي وچ ۾ لکي ڇڏيندو آهي ته هيءُ نفاق ۽ جهنم جي باه کان آزاد آهي ۽ ان کي قيامت جي ڏينهن شهداء سان گڏ رکندو. (معجم اوسط، 252/5 حديث: 7235)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## 6 مُردن جون ڏڪائيندڙ حڪايتون

ماڻهن جي عبرت جي لاءِ فوت ٿيل مسلمانن جي برائي بيان ڪرڻ ۾ ﺑﻪ شرعًا حرج ناهي، مُحدثِين ڪرام رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم مسلمانن ڪي گناهن کان ڊيڄارڻ جي لاءِ ڪتابن ۾ مُئل ڪافرن کان علاوه بد مذهبن ۽ مسلمانن جي عذابن جو ﺑﻪ ذڪر ڪيو آهي، هن ضمن ۾ 6 مُردن جون ڏڪائيندڙ حڪايتون ملاحظ فرمايو :

## (1) باه جو ڪڙتو

حضرت سيّدنا اَبُورَافع رَضِیَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا: مان رَسُول الله صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي همراه بَقِيع مان گذريس ته پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اُف اُف! ته مون گُمان ڪيو شايد پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ منهنجو

ارادو (يعني مونکي سڏ) کن ٿا، مون عرض ڪيو! يارسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڇا مون کان ڪا غلطي ٿي آهي؟ فرمايائون: نہ پر هن قبر واري کي مون فلاڻي قبيلي وٽ صدقو وصول ڪرڻ جي لاءِ موڪليو هو تہ هن هڪ چادر خيانت ڪري لڪائي ورتي هئي، آخر اهڙو ئي باهہ جو ڪڙتو هن کي پارايو ويو. (نسائی، 1/ 150،حديث: 859)

## سرڪار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کان ڪابہ شيءِ لڪيل ناهي

اي عاشقانِ رسول! توهان ڏٺو! درسِ عبرت جي لاءِ هن حديث پاڪ ۾ فوت ٿيل جي **عذابِ قبر** جو ذڪر ڪيو ويو آهي، هن روايت مان اهو بہ روشن ڏينهن جيان ظاهر ٿيو تہ اسان جا مَڪِّي مَدَنِي آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **الله** جي عطا سان **علمِ غيب** رکندا آهن، تڏهن تہ قبر ۾ ٿيندڙ عذاب سان گڏوگڏ سببِ عذاب جي بہ هٿو هٿ خبر اِرشاد فرمائي ڇڏي، منهنجا **آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنّت، مولانا شاه امام احمد رضا خان** رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جو ڪيترو پيارو عقيدو هو، سندن حَدَائِق بَخشِش شَرِيف جو شعر پُڙهو ۽ ايمان تازو ڪيو .

سرِ عرش پر ہے تری گزر، دلِ فرش پر ہے تری نظر
ملکوت و ملک میں کوئی شے، نہیں وہ جو تجھ پہ عیاں نہیں

(حدائق بخشش،ص109 )

(يعني يارسول اللّٰہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اللّٰہ ربّ العِزّت جي عنايت سان عرش توهان جو گذرگاهہ آهي ۽ فرش نگاهہ هينان آهي . مطلب تہ ملائڪ هجن يا عالمِ اَرواح، ڪائنات ۾ ڪابہ شيءِ اهڙي ناهي جيڪا اوهان کان لڪيل هجي) .

صَلُّوا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (2)بي دين جي ڳچي ۾ نانگ

**حافظ اَبُوخَلّال** جن”**ڪتاب ڪَراماتُ الْاَولِيَاء**“۾ پنهنجي سَنَد سان روايت ڪئي ته مون کي **عَبدُللّٰه بِن هَاشِم** فرمايو: مان هڪ ميّت کي وهنجارڻ ويس، جڏهن مون ان جي جسم تان ڪپڙو لاٿو ته ان جي **ڳچيءَ ۾ نانگَ چنبڙيل هئا**. مون انهن نانگن کي چيو: ته توهان کي هن تي مُسلّط ڪيو ويو آهي ۽ اسان کي هن جو غسل ڏيڻو آهي، جيڪڏهن توهان اجازت ڏيو ته اسان هن کي غسل ڏئي وٺون پوءِ توهان پنهنجي جاءِ تي واپس اچي وڃجو ته اهي **نانگ هٽي** ڪري هڪ ڪنڊ ۾ تي ويا، جڏهن اسان غُسلِ مَيّت کان فارغ ٿياسين ته اهي پنهنجي جاءِ تي واپس اچي ويا . هي شخص **بي ديني** (**يعني گمراهي**) ۾ مشهور هو . (شَرح الصُّدُور ص177)

## (3)ڳچي ۾ نانگ چنبڙيل هو

**حضرت سيّدنا** ابو اِسحاق رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا:هڪ مَيّت کي غسل ڏيڻ جي لاءِ مونکي گهرايو ويو جڏهن مون هن جي چهري تان ڪپڙو هٽايو ته هن جي ڳچيءَ ۾ **نانگ چنبڙيل** هو، ماڻهن ٻڌايو ته هي صحابهء ڪِرام عَلَيهِمُ الرِّضوَان کي گاريون ڏيندو هو.(شَرح الصدور ص 173)

## صحابہ جي حق ۾ خدا کان ڊڄو

**اي عاشقانِ صحابہ و اهلبيت! مَعَاذَاللّٰه** صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضوَان کي گاريون ڏيڻ وڏو سخت گناهہ قَطعِي حَرام ۽ جَهنّم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي. عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي **مڪتبۃ المدينہ** جي شايع ٿيل 192 صَفحَن تي مُشتَمل ڪتاب “سَوانح

ڪربلا ” جي صفحي 31 تي آهي، **حضرت عَبدُالله بن مُغَفّل** رَضِیَ اللہُ عَنْہ کان مروي آهي: حضور صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو تہ منهنجي اصحابن جي حق ۾ خدا کان ڊڄو! خدا جو خوف ڪيو!! انهن کي مون کان پوءِ نشانو نہ بڻايو، جنهن انهن کي محبوب(يعني پيارو) رکيو منهنجي محبت جي سبب محبوب رکيو ۽ جنهن انهن کان بغض رکيو اهو مون کان بغض رکي ٿو. تنهنڪري ان هنن کان **بغض رکيو**، جنهن انهن کي ايذاء ڏنو ان مونکي ايذايو، جنهن مونکي ايذايو ان بيشڪ خدا پاڪ کي ايذايو، جنهن **الله** پاڪ کي ايذايو قريب آهي تہ **الله پاڪ** اُن کي گرفتار ڪري. (سُنن ترمذي ج5 ص 463 حديث 3888)

## صحابہ ڪرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان جو گهٽ ادب ڪيو

**صدر الافاضل** حَضرَت عَلامہ مولانا سَيِّد **مُحمَّد نَعِيمُ الدّين** مُراد آبادي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: مُسلمانن کي گهرجي تہ صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضوَان جو ادب ڪن ۽ دل ۾ هنن جي عقيدت ۽ محبت کي جڳهہ ڏين. انهن جي محبت حضور صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي محبت آهي ۽ جيڪو بَدنصيب صحابہ(عَلَيهِمُ الرِّضوَان) جي شان ۾ بي ادبي سان زبان کولي اهو خدا ۽ رسول صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو دشمن آهي. مُسلمان اهڙي ماڻهوءَ وٽ نہ ويهن . (سوانح ڪربلا ص 31 )

منهنجا آقا اعليٰ حضرت رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا:

اہلسنّت کا ہے بَیڑا پار اصحابِ حُضور
نَجم ہیں اور ناؤ ہے عِترت رسولُ اللہ کی

(حدائق بخشش،ص153 )

(يعني: اَهلسنّت جو ٻيڙو پار آهي ڇو جو انهن جي لاءِ صحابہ ڪرام عليهم الرضوان تارن جيان ۽ اهلبيّت اطهار عليهم الرضوان ٻيڙي وانگر آهن.)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

تُوبُوا اِلَى الله! اَسْتَغْفِرُ الله

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (4) قبر ۾ خوفناڪ ڪارو نانگ

**حضرت سيّدنا عَبدُالله اِبنِ عَباس** رَضِیَ اللہُ عَنْہُمَا جي بارگاھ ۾ ڪجھ ماڻھو حاضر ٿي عرض گذار ٿيا. اسان سفرِ حَج تي نِڪتل آهيون، مقامِ صِفاح تي اسان جي قافِلي جو ماڻھو فوت ٿي ويو آهي. اسان جڏهن ان جي لاءِ قبر کوٽي تہ هڪ تمام وڏو ڪارو نانگ ويٺل نظر آيو، جنهن قبر کي پري ڇڏيو هو. هن کي ڇڏي ٻئي قبر کوٽي تہ هن ۾ بہ اهو ئي نانگ ويٺل نظر آيو، هن پيچيده مسئلي جي حل خاطر اوهان جي خدمت ۾ حاضر ٿيا آهيون. **حضرت سيّدنا عَبدُالله اِبنِ عَباس** رَضِیَ اللہُ عَنْہ جن فرمايو: ”هي هن جي خيانت جي سزا آهي، جنهن جو هي ارتڪاب ڪندو هو، “ ۽ بَيهَقِي جا هي لفظ آهن: ذَاكَ عَمَلُهُ الَّذِى كَانَ يَعمَلُ: يعني ”هي هن جي عمل جي سزا آهي جيڪو هو ڪندو هو“ توهان هن کي ٻنهي قبرن مان ڪنهن هڪ ۾ دفن ڪري ڇڏيو، خدا جو قسم! “جيڪڏهن توهان هن دنيا جي سڄي زمين بہ کوٽي ڇڏيندؤ تڏهن بہ هر جڳھ تي ائين ئي ڏسندؤ” آخرڪار اسان هن کي نانگ سان ڀريل قبر ۾ دفنائي ڇڏيو. واپس اچي ڪري اسان ان جو سامان سندس گهروارن کي ڏئي ڇڏيو ۽ هن جي ٻيوَاھ کان هن جي عملن بابت سوال ڪيو تہ ان ٻڌايو: هي ڪاڌو کپائيندو هو ۽ ان مان پنهنجي گهروارن جي لاءِ

ڪجهه ڪدي ڇڏيندو هو، پوءِ گهٽتائي پوري ڪرڻ جي لاءِ ان ۾ اوتري ئي ملاوٽ ڪري ڇڏيندو هو. (شرح الصدور ،ص174،شعب الايمان ،334/4، حديث:5311 )

## دوکيبازي جهنم مان آهي

اي عاشقانِ رسول! توهان ڏٺو! ضرورت طور عبرت جي لاءِ مردي جي برائي بيان ڪرڻ جائز آهي، تڏهن ته **حضرت سيّدنا عَبدُالله بِن عَبّاس** رَضِيَ اللهُ عَنْه مري ويل ان حاجي جي برائي بيان فرمائي ۽ جواز جي ڪري ئي وڏن وڏن مُحَدِّثن هن حڪايت کي پنهنجي پنهنجي ڪتابن ۾ نقل ڪيو، هن حڪايت مان **ملاوٽ وارو مال** دوکي سان ڪپائڻ جي مذمت معلوم ٿي. عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل 480 صفحن تي مُشتمِل ڪتاب "**بَيانَاتِ عَطارِيه حصي اوّل**"جي 218 صفحي تي آهي: **اللهپاڪ** جي پياري حَبِيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ عبرت نشان آهي: **جيڪو اسان سان دوکيبازي ڪري اهو اسان مان نه آهي ۽ مَڪَر ۽ دوکو جهنّم مان آهن**.(معجم ڪبير، 10 /138، حديث: 10234) **هڪ ٻئي جڳهه** تي سرڪارِ نامدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: **ٽي ڄڻا جنّت ۾ داخل نه ٿيندا (1) دوکو ڪندڙ (2) بَخِيل (يعني ڪنجوس) (3) احسان جتائڻ وارو.** (سُنن تِرمذي ج3 ص 388 حديث 1970)

## ملاوٽ وارو مال ڪپائڻ جو جائز طريقو

**هتان اهي** ماڻهو عبرت حاصل ڪن جيڪي **ملاوٽ وارو مال دوکو** ڏئي ڪپائين ٿا، جيڪڏهن مرڻ کان پوءِ پڪڙ ۾ اچي ويا ته ڇا ٿيندو! جيڪڏهن مال ملاوٽ وارو آهي ۽ گراهڪ کي ملاوٽ وغيره جي مقدار ٻڌائي يا **مِلاوٽ بلڪل** واضح نظر اچي رهي آهي

تہ اهڙو مال کپائڻ جائز آهي، جڏهن تہ ان مان ڪجهہ لڪايو ويو نہ هجي. جيئن **مثال طور**: **مِلاوَٽ جي مقدار** تہ ٻڌائي پر گهٽ ٻڌائي، جيئن 50 فيصد ملاوٽ هئي ۽ 25 **فيصد** ٻڌائي يا جيتري ملاوٽ ڪري رکيائين ۽ هن کي ظاهر نہ ڪيو تہ ناجائز آهي اهڙي طرح دوکو ڏيڻ لاءِ مٿان سنا ميوا ۽ هيٺان يا وچ ۾ ڳريل سڙيل ميوا رکڻ وارن ۽ ائين ٻين شين ۾ دوکيبازيءَ سان ڪم وٺڻ وارن کي ان گُناهہ کان بچڻ گهرجي .

دھوکا بازی میں نُحوست ہے بڑی　　یاد رکھ اس کی سزا ہوگی کڑی

## (5) پکيءَ اُلٽي ڪئي تہ ان مان اِنسان نڪتو

**عِصمَہ عَبّاداني** چون ٿا: مان جهنگ ۾ گهمي رهيو هيس تہ مون هڪ ڳرجا ڏٺو، ڳِرجا ۾ هڪ راهب جي **خانقاهہ** هئي، هن جي اندر موجود راهب کي مون چيو تہ تو هن **(ويران)** جڳهہ تي جيڪا سڀ کان وڌيڪ عجيب شيءِ ڏٺي هجي اها مونکي ٻڌايو، تہ ان مون کي ٻڌايو مون هڪ ڏينهن هتي **اُٺ پَکِي جيان ٿُلهو مَتَارو اَڇي رنگ جو** پکي ڏٺو، ان پکيءَ ان پٿر تي ويهي ڪري اُلٽِي ڪئي، هن مان هڪ اِنساني مَٿو نڪتو اهو لاڳيتو اُلٽِي ڪندو رهيو ۽ **اِنساني اَعضَاء** نِڪرَندا رهيا ۽ بجلي جيان تيزي سان هڪٻئي سان جڙندا رهيا ايتري تائين جو هڪ مڪمل اِنسان نهي ويو! ان ماڻهو جيئن ئي اٿڻ جي ڪوشش ڪئي تہ ان ٿلهي **متاري پکي** هن کي ٺونگو هنيو ۽ هن جا ٽُڪرا ٽُڪرا ڪري ڇڏيائين، پوءِ ڳيهي ويو، ڪجهہ

ڏينهن تائين مان اِهو خوفناڪ مَنظَر ڏسندو رهيس، خداءِ پاڪ تي منهنجو يقين اجا وڌي ويو، تہ واقعي **الله** پاڪ مارڻ ڪان بعد زنده ڪرڻ تي قادر آهي. هڪ ڏينهن مان هن ٿلهي متاري پکي جي طرف مُتَوَجّھ ٿيس ۽ هن ڪان دريافت ڪيم، تہ اي پکي! مان تو کي ان ذات جو قسم ڏئي ڪري چوان ٿو، جنهن توکي پيدا ڪيو تہ هن پيري جڏهن هو اِنسان مڪمل ٿي وڃي تہ تون هن کي باقي رهڻ ڏجان تہ جيئن مان هن ڪان سندس عمل معلوم ڪري سگهان؟ تہ ان پکي فَصِيح عربي ۾ چيو: **منهنجي ربّ** جي لاءِ ئي بادشاهي ۽ **بقا** آهي، هر شيءِ فاني آهي ۽ اهو ئي باقي آهي، مان اُن جو هڪ فِرشتو آهيان ۽ هن شخص تي مُسلّط ڪيو ويو آهيان تہ جيئن مان هن جي گناهہ جي سزا هن کي ڏيندو رهان. جڏهن التيءَ ۾ هو انسان نڪتو تہ مون پڇا ڪئي: اي پنهنجي نفس تي **ظلم ڪرڻ** وارا **انسان**! تون ڪير آهين ۽ تنهنجو قصو ڇا آهي؟ ان جواب ڏنو: "مان **حضرتِ مولاءِ ڪائنات عَلِيُ المُرتَضيٰ** شير خدا رَضِيَ اللهُ عَنْه جو قاتل **عَبدُالرّحمٰن اِبن مُلجِم** آهيان، جڏهن مان مري ويس تہ اَللّٰه پاڪ جي سامهون منهنجو روح حاضر ٿيو، پوءِ منهنجو اعمال نامو مون کي ڏنو ويو، جنهن ۾ منهنجي پيدائش ڪان وٺي ڪري حضرت علي رَضِيَ اللهُ عَنْه کي شهيد ڪرڻ تائين جي هر نيڪي ۽ بَدي لکيل هئي، پوءِ **الله پاڪ** ان فرشتي کي حڪم ڏنو تہ هو قيامت تائين مونکي عذاب ڏئي، هي چئي ڪري هو چُپ ٿي ويو ۽ پوءِ ٿلهي متاري پکيءَ هن کي نونگا هنيا ۽ ان کي ڳيهي ڪري هليو ويو. (شَرح الصدور ص 175)

## ابن مُلجِم مولي علي رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه کي ڇاجي ڪري شهيد ڪيو

**اي عاشقانِ صحابہ و اهلبيت** !توهان ڏٺو! مولیٰ علي شير خدا رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه جو قاتل جيڪو خارجي ۽ بَد دين ۽ گمراھ هيو، ان سان ڪهڙو درد ناڪ انجام ٿيو! هو بدنصيب ڇا جي ڪري ايترو وڏو گناھ ڪرڻ تي راضي ٿيو. هن سلسلي ۾ حضرت علامہ **جَلالُ الدّين سُيُوطِي شَافِعي** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه " **مُستدرَڪ** " جي حوالي سان لکيو آهي تہ اِبن مُلجِم هڪ قَطام نالي واري **خَارجِيہ عورت جي عِشقِ مَجازي** ۾ گرفتار ٿي ويو هو، هن شادي جي لاءِ مهر ۾ ٽي هزار دِرهم ۽ حضرت مولیٰ علي رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه جي قتل جو مطالبو رکيو هو. ( تاريخ الخلفاءَ ص 139، المستدرڪ ج4 ص 121 رقم 4744)

افسوس! عشق مجازي ۾ **اِبن مُلجم** انڌو ٿي ويو ۽ هن حضرت مولاءِ ڪائنات، مولیٰ علي شير خدا رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه جهڙي عظيم هستي کي شهيد ڪري ڇڏيو. هن نِڪَمي کي اها عورت تہ نہ ملي بيٺو هٿو هٿ هي سزا ملي تہ ماڻهن ڏسندي ئي هن کي پڪڙي ورتو، آخرڪار هن جي بدن جا ٽڪڙا ٽڪڙا ڪري ٽوڪري ۾ وجهي ڪري باھ لڳائي وئي ۽ هو سڙي خاڪ ٿي ويو! مرڻ کان بعد قِيامت تائين جاري رهڻ واري ڏکائيندڙ عذاب جو هاڻي توهان تذڪرو ٻڌو. هو بدبخت نہ هِتان جو رهيو نہ هُتان جو. **حضرت سيّدنا** اَبُودَرداء رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه جن بلڪل سچ فرمايو آهي:"شهوت جي گهڙي ير جي لاءِ پيروي وڏي غم جو سبب بڻجندي آهي." **(صحابي جو قول هيستائين آهي)** (تاريخ ابن عساڪر، 173/47) قابيل بہ تہ شهوت جي ڪري **حضرت سيّدنا هابيل** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي شهيد ڪري برباد ٿيو ۽ برباد بہ ائين ٿيو جو صرف ٻڌڻ سان ئي ڏڪٽي اچي وڃي! هن جي بہ حڪايت ملاحظ فرمايو ۽ شهوت جي آفت کان ربُّ الْعِزَّت جي پناھ گهرو .

## (6) حوض تي اونڌو لٽڪيل ماڻهو

عَبدُالله چوي ٿو: اسين ڪجهه ماڻهو سامونڊي سفر تي روانا ٿياسين، اوچتو ڪجهه ڏينهن تائين اونداهه ڇانيل رهي، جڏهن روشني ٿي ته هڪ ڳوٺ آيو، عَبدُ الله چئي ٿو ته مان پيئڻ جي لاءِ پاڻي جي ڳولا ۾ روانو ٿيس ته ڳوٺ جا دروازا بند هئا مان ڏاڍا سڏ ڪيا، پر ڪوبه جواب نه آيو. انهيءَ گهڙيءَ ۾ ٻه گهوڙي سوار ظاهر ٿيا. انهن چيو: "اي عَبدُالله ! هن گهٽيءَ ۾ داخل ٿي وڃ ته توکي پاڻيءَ جو هڪ حوض ملندو، ان مان پاڻي ڪڍجانءِ ۽ اتان جي منظر کي ڏسي نه ڊڄجانءِ، مون انهن کان انهن بند دروازن جي بابت پڇيو، جن ۾ هوائون هلي رهيون هيون، انهن ٻڌايو ته **"هي اهي گهر آهن، جن ۾ مُئلن جا روح رهن ٿا."** پوءِ مان حوض تي پهتس ته مون ڏٺو ته هڪ شخص پاڻيءَ تي اونڌو لٽڪيل آهي، اهو پنهنجي هٿن سان پاڻي ڪڍڻ چاهي ٿو، پر ناڪام ٿي وڃي ٿو، مونکي ڏسي اهو اونڌو ماڻهو پڪارڻ لڳو، اي عَبدُالله! **مونکي پاڻي پيار"** مان ٿانوَ ڪٽي ٻوڙيو ته جيئن ان کي پاڻي پياري سگهان، پر ڪنهن منهنجو هٿ پڪڙي ورتو، مان ان اونڌي لٽڪيل ماڻهو کي چيو ته **اي خدا جا ٻانها!** تو ڏٺو ته مون پنهنجي طرفان ڪوشش ڪئي ته توکي پاڻي پياريان، پر منهنجو هٿ پڪڙيو ويو، تون مونکي پنهنجو واقعو ٻڌاءِ، ان چيو ته: **مان حضرت آدم** عليہ السّلام **جو پٽ قابيل آهيان،** جنهن دنيا ۾ سيني کان پهريون قتل ڪيو هو.

(موسوعة ابن ابی الدنيا 296/6، رقم:48)

## قابيل جا ڪارا ڪارناما

**اي عاشقانِ رسول!** قابيل پهريان مسلمان هو پر پوءِ مُرتَد ٿي ويو، ان دنيا ۾ سڀني کان پهريون قتل ڪيو، ان کي دنيا ۾ اها سزا ملي ته قتل ڪندي ئي ان جو گورو رنگ ڪارو ٿي ويو، دل يڪدم سخت ٿي وئي، پنهنجي ڀيڻ **اِقلِيما** کي عَدَن ڏانهن ڪٺي وني ڀڳو، حرام اولاد پيدا ٿيس، جڏهن پوڙهو ٿيو ته سندس اولاد ان کي پٿر هڻندو هو، ايتري تائين جو پنهنجي اولاد جا پٿر لڳڻ جي ڪري هلاڪ ٿي ويو. مرڻ کان پوءِ سزا طور ملڻ وارو ڏڪائيندڙ واقعو اوهان ٻڌي چڪا. **مُفسّر شهير حَڪِيمُ الامّت** مفتي اَحمَد يَارخان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه قابيل جي ڪارن ڪارنامن کي بيان ڪندي ارشاد فرمائن ٿا ته حضرت آدم عَلَيهِ السّلام جو حڪم نه مڃڻ، **ناجائز نِڪاح جو ارادو ڪرڻ**، هَابِيل جي قتل ڪانپوءِ مرتد ٿيڻ، گانا وڄائڻ، باجا ۽ ساز ايجاد ڪرڻ. وڌيڪ فرمائن ٿا: **مرتد ۽ بي دين** جي لاءِ نبي زادو هئڻ بلڪل ئي بيڪار آهي، **پيغمبر جو شهزادو هئڻ** (صرف) ايمان سان ئي فائدو ڏئي سگهي ٿي، ڏسو قابيل نبي زادو هو پر تباهه ٿي ويو. (تفسير نعيمى، 361/6-362ماخوذا)

ترى رحمتوں ہى سے ایماں ملا ہے     نہ ہو اب یہ مجھ سے جدا یا الٰہی
مسلماں ہے عطّار تیری عطا سے     ہو ایمان پر خاتِمہ یا الٰہی

## درس ۾ شرڪت منهنجي اصلاح جو سبب بڻي

ايمان جي حفاظت جو جذبو حاصل ڪرڻ غيبت ڪرڻ ۽ ٻڌڻ جي عادت ختم ڪرڻ، نمازن ۽ سُنّتن جي پابندي ڪرڻ لاءِ دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان هر گهڙي وابسته رهو، سُنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنّتن ڀريو سفر ڪيو ۽ ڪامياب زندگي گذارڻ ۽ آخرت سنوارڻ جي لاءِ نيڪ

اعمال جي مطابق عمل ڪري روزانو جائزي جي ذريعي رسالو ڀريو ۽ هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ جي اندراندر پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرايو، فيضانِ سنّت جي درس، اِنفرادي ڪوشش، رمضان المبارَڪ ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ اعتڪاف جون بہ وڏيون برڪتون آهن. ان سلسلي ۾ هڪ مدني بهار اوهان کي ٻڌايان ٿو. ڪشمير جو هڪ اسلامي ڀاءُ فرسٽ ايئر ۾ پڙهندو هو، ڪاليج جو آزاد ماحول هو. فلمون ڊراما ڏسڻ، گانا باجا ٻڌڻ جو شوق حد کان وڌيڪ هو، ايتري تائين جو ان گاڏيءَ ۾سفرنہ ڪندو هو، جنهن ۾گانا، باجا يا فلم نہ هوندي هئي! ان جي ڪالونيءَ ۾ دعوت اسلامي جو هڪ اسلامي ڀاءُ تشريف وٺي آيو، انهن فيضانِ سنّت جو درس ڏنو ۽ هڪ دعا ياد ڪرائي، انهيءَ ڪري هو تمام گهڻو متاثر ٿيو ۽ ان ڪانپوءِ فيضانِ سنّت جو درس ٻڌڻ شروع ڪيو. ان جي ديني ماحول سان باقاعده وابستگي جو هڪ وڏو سبب اُن جي علائقي جي هڪ مبلِغ جو حسنِ اخلاق، اعليٰ ڪردار، سهڻي عمل جو جذبو ۽ محبت ڀريي انداز ۾ انفرادي ڪوشش ڪرڻ آهي. اَلحَمدُلله! ان رَمضَان المُبارَڪ جي مهيني ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ ڏهن ڏينهن جي اعتڪاف جي بہ سعادت حاصل ڪئي. ان جو ڪين تمام گهڻو اثر ٿيو ۽ هُو گناهن کان توبهہ تائب ٿي ويو، ڪشمير ۾ دعوتِ اسلامي جي هڪ مجلس جو نگران بہ بڻايو ويو آهي ۽ ڪشمير جي هڪ ڊويزن جي نگرانيءَ سان بہ مُشَرّف ٿيو.

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو اوهان فيضانِ سنّت جي درس جي برڪت سان ديني ماحول ڏانهن لاڙو ٿيو، اسلامي ڀاءُ جي اِنفرادي ڪوشش ۽ شَفقَت وڌيڪ طاقت بخشي ۽ صد ڪروڙ مرحبا! مدني

ماحول جي اندر تيڻ واري سنّتن ڀري رمضان جي اِعتِڪاف گناهن جي اونهي کاهي ۾ ڪِريل انسان کي سهارو ڏئي ڪڍيو ۽ ايتري تہ زبردست عظمت بخشي جو دعوتِ اسلامي جي ڪيئي ذميدارن جو بہ ذميدار بڻائي ڇڏيو. ڪاش! سڀ اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون (گڏو گڏ سڀ ننڍا وڏا ذميدار) روزانو بہ فيضانِ سنت جا درس ڏيڻ يا ٻڌڻ جي ترڪيب فرمائن.

## قبر جي روشني

**دعوت اسلامي جي** اِشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 1432صفحن تي مُشتَمِل ڪتاب "**فيضانِ سنّت**" جي صفحي 195 کان 196 تي آهي: درس ۽ بيان جي ثواب جي بہ ڇا ڳالھ ڪجي! حضرت علّامہ جَلالُ الدّين سُيُوطِي الشافِعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه "شَرحَ الصُدُور" ۾ نقل ڪن ٿا تہ **الله پاڪ حضرت سيّدنا موسيٰ ڪليمُ الله** عَلَيْهِ السَّلَام ڏانهن وحي فرمائي تہ، "**ڀلائي جون ڳالهيون پاڻ بہ سکو ۽ ٻين کي بہ سيکاريو، مان ڀلائي سکڻ ۽ سيکارڻ وارن جي قبرن کي روشن فرمائيندس تہ جيئن انهن کي ڪنهن قسم جي وحشت ۽ خوف نہ ٿئي**" (حلية الاولياء، 5/6، حديث:7622)

## قبرون پيون چمڪنديون

**هن روايت** مان نيڪي جي ڳالھ سکڻ، سيکارڻ جي اَجر ۽ ثواب جي خبر پئي، اِن شَآءَالله سکڻ، سيکارڻ جي نيّت سان **سنّتن** ڀريو بيان ڪرڻ يا درس ڏيڻ ۽ ٻڌڻ وارن جا تہ ڀاڳ ئي ڀلا ٿي ويندا. اِن شَآءَالله

انهن جون قبرون اندران چمڪي رهيون هونديون ۽ انهن کي ڪنهن بہ قسم جو خوف محسوس نہ ٿيندو. سُنين سُنين نِيّتن سان اِنفرادي ڪوشش ڪندي نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ وارن، **مدنِي قافلي** ۾ سفر ۽ **جائزو** وٺي ڪري نيڪ اعمال جو رسالو روزانو پرڻ جو شوق ڏيارڻ وارن ۽ **سنّتن** ڀَريي اِجتماع جي دعوت ثواب جي نيّت سان پيش ڪرڻ وارن ۽ مُبلِغن جي نيڪيءَ جي دعوت کي ٻڌڻ وارن جون قبرون بہ ان **شآءَالله** حضور مُفِيضُ النُّور صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نور جي صدقي نُور عَلٰي نُور ٿينديون .

قبر میں لہرائیں گے تاحشر چشمے نور کے | جلوہ فرما ہو گی جب طَلعت رسولُ اللہ کی

(حدائق بخشش،ص152 )

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

تُوبُوااِلَى الله! اَسْتَغْفِرُالله

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دعوت ۾ غيبت ڪرڻ جي حڪايت

**حضرت سيّدنا** اِبراهيم بِن اَدهم رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ڪنهن دعوت تي تشريف کڻي ويا. ماڻهن پاڻ ۾ چيو تہ فلاڻو شخص اجا تائين ناهي آيو. هڪ شخص چيو: اهو ٿلهو تہ ڏاڍو سُست آهي. ان تي حضرت **سيّدنا** اِبرَاهِيم بن اَدهم رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه پاڻ کي مَلامَت ڪندي فرمائڻ لڳا تہ افسوس! منهنجي پيٽ جي ڪري مون تي اها آفت آئي آهي جو مان هڪ اهڙي مجلس ۾ پهچي ويو آهيان جتي هڪ مسلمان جي غيبت ٿي رهي آهي. اتي اهو چئي واپس هليا آيا ۽ ان صدمي جي

ڪري ٿي (۽ ہي روايت موجب، ست ڏينهن) ڪاڏو نہ ڪاڏائون.
(تنبيہ الغافلين ،ص89)

## ”غيبت ڪرڻ گناهِ ڪبيره آهي“ جي اٺويهہ اکرن جي نسبت سان ڪنهن کي سُست وغيره چوڻ جي متعلق 19 مثال

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو اوهان! **الله پاڪ** جا نيڪ ٻانها مسلمان جي بي عزتي بلڪل برداشت ناهن ڪندا ۽ اهڙين مَجلِسن ۽ ٻيٺڪن ۽ دعوتن کي بہ ڇڏي ڏيندا آهن، جتي مسلمانن جي غيبتن جو سلسلو هجي، ڇا ڪڏهن اسان بہ ڪنهن **غيبت** ڀريل دعوت يا ٻيٺڪن مان ”اٿي ويا“ آهيون.؟ ها، اتان کان اُٿي وڃڻ کان اڳ ۾ پنهنجي ڳالهہ جو وزن ڏسڻو پوندو يعني جيڪڏهن اهو پڪو گمان آهي تہ سمجهائڻ سان **غيبت** ڪرڻ وارا توبهہ ڪندا پوءِ تہ انهن کي **غيبت** کان روڪڻ اوهان تي واجب ٿيندو ۽ جيڪڏهن اهڙي صورتِ حال ناهي تہ پوءِ جيئن بہ ٿي سگهي تہ غيبت ٻڌڻ کان بچو ۽ جيڪڏهن فِتني فَساد جو خوف نہ هجي تہ اتان اٿي هليا وڃو . جيئن تہ **غيبت** ۽ ڪِلا جون جائز صورتون بہ موجود آهن. ان ڪري سمجهائڻ ۽ اتان اٿي وڃڻ واري وٽ ايترو عِلم هئڻ ضروري آهي، جنهن سان هو فيصلو ڪري سگهي تہ واقعي گناهن ڀري غيبت ٿي رهي آهي. هن حِڪايت مان خبر پئي تہ ٻَرپُٺ ڪنهن کي ٺُلهو ۽ سست چوڻ بہ **غيبت** ۽ ڪِلا ۾ شامل آهي، ٺلهو ۽ سست بہ الڳ الڳ لفظ آهن، يعني جيڪڏهن ڪنهن وڏي وزن واري ماڻهوءَ کي ان جي

غير موجودگيءَ ۾ شَرعِي اِجازت کانسواءِ ”**تلهو**“ چيو ويو تڏهن بہ غيبت آهي، اهڙي طرح شَرعِي اجازت کانسواءِ ڪنهن جي غير موجودگيءَ ۾ ڪنهن کي ۞ سست ۞ ڪاهِل ۞ **بيڪار** ۞ ڍرو ۞ڪم چور ۞ نالائق ۞ جاهل ۞ جَٽ ۞ اڻ پڙهيل ۞ گهٽ عقل وارو ۞ اَحمَق ۞ بيوقوف ۞ غصي باز۞ نادان ۞ چَريو ۞ مَست ۞ پاڳل ۞ دير سان سمجهندڙ ۞ موٽي عقل وارو وغيره وغيره چوڻ بہ **غيبت** آهي .

مرے سر پہ عِصیاں کا بار آہ مولیٰ! | بڑھا جاتا ہے دم بدم یاالٰہی
زمیں بوجھ سے میرے پھٹتی نہیں ہے | یہ تیرا ہی تو ہے کرم یاالٰہی

(وسائلِ بخشش، ص110 )

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

تُوبُوا اِلَى الله! اَسْتَغْفِرُ الله

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## **بنهي جهانن جي ذلّت**

منهنجا آقا اَعليٰ **حضرت شاهہ** امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فتاويٰ رضويہ شريف جلد 24 صفحي 347 تي فرمائن ٿا تہ : جيڪو مَظلوم جي دانهن ٻُڌڻ تي قادر آهي ۽ نہ ٻڌي تہ ان جي لاءِ ذِلّت وارو عذاب آهي. حديث ۾ آهي تہ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: ”جنهن شخص جي سامهون ڪنهن مسلمان ڀاءُ جي غيبت ڪئي وڃي ۽ اهو ان جي مدد ڪرڻ تي قادر هجي ۽ نہ ڪري تہ **الله** پاڪ ان جي دنيا ۽ آخرت ۾ پڪڙ فرمائيندو.“ (ذم الغيبۃابن ابی الدنيا، 388/4، رقم:108) وڌيڪ انهيءَ ئي جلد

جي صفحي 426 کان 427 تي لکن ٿا ته: نبيِّ ڪريم صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو ته: ”جنهن شخص جي سامهون ڪنهن مسلمان جي بي عزتي ڪئي وڃي ۽ اهو طاقت هئڻ باوجود ان جي مدد نه ڪري ته قيامت جي ڏينهن الله پاڪ ان کي ماڻهن جي سامهون ذليل ۽ خوار ڪندو.“ (مُسندِ اِمام احمد ج5 ص 412 حديث 15985) اعليٰ حضرت رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ اهڙا حديثِ پاڪ لکڻ کانپوءِ تحرير فرمائن ٿا ته: اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته مسلمان جي (**غيبت** وغيره جي ذريعي) بي عزتيءَ کي ڏسي خاموش رهڻ اهڙي (يعني قيامت جي خواري جي) عذاب جو سبب آهي ته خود ان کي (يعني ڪنهن مسلمان کي غيبت وغيره جي ذريعي) ذليل ڪرڻ جي لاءِ پويان پوڻ ۽ جنهن (مَنصَب ۽) مرتبي جي ڪري انکي مسلمانن وٽ ڪا عزّت حاصل هجي ته ان ۾ (غيبتن، اِلزامن ۽ بدگمانين وغيره جي ذريعي) رڪاوٽ جي ڪوشش ڪرڻ ڪيترو نه عذاب ۽ اللّٰہ پاڪ جي غضب جو سبب هوندو. (فتاوٰی رضويہ،427،426/24)

## الله پاڪ جي ڏنل عزت ڪير ڪسي سگهي ٿو

**اي عاشقانِ اعليٰ حضرت!** بيان ڪيل روايتن ۽ اعليٰ حضرت رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جي ارشادن مان اهي ماڻهو عِبرت حاصل ڪن، جيڪي شرعي اجازت کانسواءِ ڪنهن سُني عالِمِ دين، اڳواڻ، رهنما، ڪنهن تنظيمي ذميدار يا ڪنهن به عام مسلمان جي پنيان پئجي ويندا آهن، ان کي پنهنجي تَنقِيد جو نشانو بڻائي ان جي عزت خراب ڪندا رهن ٿا، ائين غيبتن، چُغلين، تُهمتن، بدگمانين، **عيب ڪولڻ**، دل آزارين ۽ نه ڄاڻ ڪهڙن ڪهڙن گناهن ۾ وڃي پون ٿا. جنهن کي **الله پاڪ** مُعَزّز ڪيو هجي ان جي عِزّت کي ڪير ٿو ڪسي سگهي! ٻڏو ٻڏو!

جيڪي بدنصيب بنا شرعي اجازت جي مسلمانن جي مُخالَفت ڪندا آهن، انهن کي بدنام پيا ڪندا آهن، اهڙن جي باري ۾ قرآن ڪريم ۾ چيو تہ فرمائي جيئن تہ سيپاري 18، **سُورةُ النُّور** آيت نمبر 19 ۾ **الله پاڪ** جو فرمانِ عِبرَت نشان آهي تہ :

اِنَّ الَّذِيْنَ يُحِبُّوْنَ اَنْ تَشِيْعَ الْفَاحِشَةُ فِي الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ۙ فِي الدُّنْيَا وَ الْاٰخِرَةِ ؕ

ترجمو ڪنزالايمان : **جيڪي ماڻهو گهرن ٿا تہ مسلمانن ۾ بري ڳالهہ جو چرچو پکيڙجي، انهن جي واسطي دردناڪ عذاب آهي دنيا ۽ آخرت ۾.**

مجھے غیبتوں سے تو محفوظ فرمایئے سرورِ دوجہاں یاالٰہی
جو شاہِ مدینہ کی نعتیں سنائے عطا کر دے ایسی زباں یاالٰہی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

تُوبُوْا اِلَى الله! اَسْتَغْفِرُ الله

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خواب ۾ فرمايو

**غيبت** ڪرڻ ۽ ٻڌڻ جي عادت ڪيڻ، نمازن ۽ **سنّتن** تي عمل ڪرڻ جي عـادت بـڻائڻ جي لاءِ **دعوتِ اسلامي** جي **مدني ماحول** سان هر دم وابستہ رهو، **سنّتن** جي تربيت جي لاءِ **مدني قافلن** ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ سفر ۽ روزانو جائزي جي ذريعي رسالو پريو ۽ هر

مهيني جي **پهرين** تاريخ جي اندر اندر پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو. اڇو تہ ”**مسجد ڀريو اجتماع** “ جي هڪ نرالي مدني بهار ٻڌون ٿا: جيئن تہ **اَلحَمدُلله**! 10 سيپٽمبر 2004 بروز **جُمعَةُ المُبارَڪ** تعلقي ٺري ميرواهہ سان ڳنڍ ”**ڳوٺ** حاجي الياس خاصخيلي“ (سنڌ پاڪستان) جي جيلاني مسجد ۾ سومهڻيءَ جي نماز ڪانپوءِ ”**مسجد ڀريو اجتماع** “تيو جنهن ۾ **دعوت اسلامي** جي **مُبَلِّغ سنّتن** ڀريو بيان فرمايو عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي **بين الاقوامي اجتماع** سيپٽمبر 2004 ملتان ۾ شرڪت جي دعوت ۽ هٿون هٿ **مدني قافلي** ۾ سفر جي ڀرپور تَرغِيب ڏياري وئي، **اَلحَمدُلله** ! 7 اسلامي ڀائر 12 ڏينهن جي **مدني قافلي** جي لاءِ تيار ٿي ويا. انهيءَ رات انهيءَ ڳوٺ جي هڪ خوش نصيب اسلامي ڀاءُ جيڪو دُرود شريف پڙهندي پڙهندي سمهي رهيو تہ انهن کي سرڪارِمآب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خواب ۾ زيارت ٿي، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن سلام ارشاد فرمائڻ ڪانپوءِ پاڻ ئي پنهنجو تَعارُف بہ ڪرايو تہ ”**مان مُحمَّد** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **آهيان ۽ جيڪو ڪجھ** ارشاد فرمايائون ان ۾ هي بہ هو تہ ”**توهان جي ڳوٺ تي خصوصي ڪرم ٿي ويو آهي**.“ وڌيڪ ارشاد فرمايائون تہ ”**جيڪو ڇهري تي ڏاڙهي شريف سينگاري، ان جي مون سان محبت آهي ۽ جيڪو ڏاڙهي ڪوڙائي ان جي مون سان محبت ناهي ۽ تون روزانو تَهَجُّد جي نِيّت ڪندو آهين، پر سُستي ڪري ڇڏيندو آهين، اُٿ ۽ تَهَجُّد ادا**

ڪر“ جڏهن سڀ ميڙ ۾ ان اسلامي ڀاءُ قسم کڻي پنهنجو خواب ٻڌايو تہ هي ٻڌي ڪري ڪيترن ئي **اسلامي ڀائرن** چهري تي ڏاڙهي سجائڻ ۽ **مدني قافلن** ۾ سفر ڪرڻ جون نيّتون ڪيون .

گوٹھ میں گاؤں میں، دھوپ میں چھاؤں میں　　سب سے کہتے رہیں، قافلے میں چلو
جنگل و کوہ میں، کوہ کی کھوہ میں　　دیں کے ڈنکے بجیں، قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب!　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مسجد ڀريو اجتماع مرحبا!

**اي عاشقانِ رسول!** سُبحَان الله ”**مسجد ڀريو اجتماع**“ جي برڪتن جي ڇا ڳالهہ ڪجي! بعض اوقات سياسي طور تي”**جيل ڀريو**“ تحريڪ هلائي ويندي آهي، **دعوتِ اسلامي** جيئن تہ **سنّتن** ڀري عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ آهي، اها ”**مسجد ڀريو**“ تحريڪ جا ارادا رکندي آهي، دعوت اسلامي چاهي ٿي تہ بس ڪنهن بہ طريقي سان امت جو هر ٻار نمازي ٻڻجي وڃي، ان **مدني بهار** جو اهم حصو خواب ۾ مَحبُوبِ ربُّ العزّت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زِيارت ۽ پيغامِ رِسالت آهي تہ ”جيڪو چهري تي ڏاڙهي تو سجائي تہ ان جي مون سان محبت آهي ۽ جيڪو ڏاڙهي ڪوڙائي تہ ان جي مون سان محبت ناهي “ خواب جي ان ڳالهہ جي تائيد هن حديثِ پاڪ مان ٿئي ٿي جنهن ۾ اهو فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهي:جيڪو منهنجي سنّت اختيار ڪري، اهو منهنجو ۽ جيڪو منهجي سنّت کان منهن ڦيري تہ اهو منهنجو ناهي. (تاريخ دمشق لابن عساڪر ج38 ص 127)

## ڏاڙهي جي باري ۾ هڪ عبرتناڪ خواب

مان (سگِ مدينه عُفِيَ عَنۀ) **دعوتِ اسلامي جي مدني قافلي** سان مختلف شهرن جو سفر ڪندو هندوستان جي صوبي گُجرات جي ساموندي شهر”وَيراوَل“پهچي ويس. اتي هڪ ڪِلين شِيو(ڏاڙهي ڪوڙيل) نوجوان سان مُلاقات ٿي جنهن مونکي ڪجهه اهڙي قسم جو خواب ٻڌايو ته: مون ڏٺو ته سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪنهن جي گوڏن تي پنهنجو مٿو مبارڪ رکيو ليٽيا پيا آهن، پرسان ئي **دعوت اسلامي** جو هڪ مبلغ حاضر آهي، سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان مبلغ **دعوت اسلامي** کي فرمائڻ لڳا ته (**لفظ ياد ناهن، پر مضمون ڪجهه ائين هو** ته ) ”منهنجا اُمتي ڏاڙهي ڪوڙائن ٿا، ان سان منهنجي دل ۾ ڏک ٿو ٿئي،“ اهو ٻڌي ان مبلغ مون ڪِلين شيو جي چهري تي پنهنجا ٻئي هٿ ڦيريا ۽ منهنجي اک کلي وئي (**شايد اهو خواب تازو هو ان نوجوان منهنجي سامهون ڏاڙهي وڌائڻ جي عزم جو اظهار ڪيو**)

## آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت جي نشاني سجايو

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** جنهن اجا تائين ڏاڙهي ناهي رکي، ان کي کپي ته **پنهنجي پياري** آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت جي نشاني **ڏاڙهي شريف** پنهنجي چهري تي سجائي، جنهن اج ڏينهن تائين ڪوڙائي آهي يا ڪاڍيءَ کان هيٺ هڪ مٺ کان گهٽائي آهي ته ان کان توبهه ڪري. شيطان لک پيرا سستي ڏياري، پر ڏاڙهي جي باري ۾ **دعوت اسلامي** جي اِشاعتي اداري **مَڪتبةُ المدينه** جو دل ۾

خوف ۾ دهشت پيدا ڪندڙ رسالو ” ڪارا وڇون“ جو مطالعو ڪيو ۽ مڪتبة المدينہ جي جاري ڪيل“ کالے بچھو” جي نالي سان آڊيو ڪيسٽ ٻڌو يا V.C. D ڏسو .

سرکار کا عاشِق بھی کیا داڑھی منڈاتا ہے
کیوں عِشق کا چہرے سے اظہار نہیں ہوتا

(وسائلِ بخشش،ص163 )

